فيبروري ١٩٣٨ع

# سنڌو

ايڊيٽر:- بولچند وسومل راجپال

چندو چار روپيه      قيمت:- ڇهه آنا

# ايشن انشورنس ڪمپني لميٽيڊ

برپا ٿيل ۱۹۱۰ع — هيڊ آفيس بمبئي

## خاص خوبون :-

دائما بيڪاريءَ ۾ سهائتا
گهر ٺاهڻ لاءِ سهائتا
گولڊن (سون ورني) پاليسي
ٻٽي ٽڪني ٻڌي پاليسي
اتفاقي موت لئي ٻٽي رقم
ايجنٽ جون ڪميشنون دائما چالو

لکپڙه ڪريو:-

**پرسرام وشن سنگهه ٿهلراماڻي بي-اي.**

برانچ سيڪريٽري سنڌ ۽ بلوچستان

چيف ايجنٽ:-

**راجپال ۽ ڪمپني شڪارپور سنڌ**

آرگنائيزر:-

**لکميچند نارائڻداس ڪراچي.**

---

# دي لڪشمي

[ برپا ٿيل ۱۹۲۴ع ۾ ]

**جا سنڌي حياتين جي ويمي ڪمپنين جي سرمور آهي.**

نئون ڪم ۳۰-اپريل ۱۹۳۷ع تائين مليل ۱،۵۱،۰۰،۰۰۰ روپيه

[هڪ ڪروڙ ۽ ايڪونجاه لک]

بونس :- دائمي حياتيءَ جي پاليسيءَ تي هڪ هزار تي ويهه روپيه سال ۾
مدي واريءَ پاليسيءَ تي هڪ هزار تي ۱۶ روپيه سال ۾

ڪليمن جي تڪڙي نيڪال ڪرڻ ۾ مشهور، جنهنجون برانچون ساري هندوستان، برما ۽ ساؤٿ آفريڪا ۾ آهن.

ڪراچي ۾ بندر روڊ تي ڪمپنيءَ لاءِ عمدي ڇهه ماڙ جاءِ تيار ٿي رهي آهي جنهن تي اٽڪل پنج لک روپيه خرچ لڳي ويندو.

وڌيڪ حقيقتن لاءِ لکپڙه ڪريو:- برانچ سيڪريٽري

**لڪشمي انشورنس ڪمپني لميٽيڊ بندر روڊ ڪراچي.**




سال ۷ ] فيبروري ۱۹۳۸ع [ انڪ ۷۴

# ڪافي

## [ روپ جوڳ ]

مارن کي او سانگن کي ڪيو ساهه ساري - وهان ڪئن
وساري.
(۱) سانين لڳ سومرا ميان لا - وڇڙهيچن کي واري
محبت انجي ماري.
(۲) آهن ڪم ڪريم تي ميان لا - وڌا مون ٽان واري
کهڙي ڏوه ڏهڪاري.
(۳) ڏوتيڙا ٽان ڏيهه ۾ ميان لا - ڏور منجهه ڏيکاري
عشق جي آري.
(۴) شاهو شاه وواڄ اسانکي وي ميان - ڀرتون ڀرپياري
نظر نيهن نهاري.
(۵) غلام علي ووهن ري ميان لا - گوندر منجهه گذاري
همت گهڙي نه گهاري.

فقير غلام علي

جي موسم ۾، ڀاڙن جـي مٿاهين چوٽين تي، گرم سج جي تپت کان ماڻهن کي ٽڪڙي ٽڪڙي پنڌ ڪندي، سخت اڃ لڳي ٿي، پر گنگا جي بلڪل دور هوندي آهي. اهڙن ڪٺن هنڌن تي، داني پرشن جي پيسن جي مدد سان، ياترين جي تندرستي ٺڌي پاڻي ۽ ڇايا سان بچائي وڃي ٿي. ڪالي ڪملي واري پينڊن جي تڪليف کان ماڻهن کي بچائي جايون هنڌ ڏيڻ ۽ اناٿن کي انهي رستي تي اڃ وڄ ڇا بندوبست ڪري ڏيڻ. اهي سڀ ساراهه ڪرڻ ۽ سهائتا ڏيڻ جوڳا ڪم آهن. هن ڪان وڏيڪ ٻيو ڪهڙو سچو دان ٿي سگهيٿو! هندوستان ۽ خاص ڪري سنڌ جي دانين ڪـي، ڪشادهه دل ڏيکاري، ڪالي ڪملي واري کي دان موڪلڻ گهرجي. ڪالي ڪملي واري جو پرا پڪار جو ڪم جيڪو هن طرف هلي رهيو آهي اهڙو ڪٿي به هندوستان ۾ ٻئي هنڌ ڏسڻ ۾ نه ايندو.

( هلنـــدڙ )

## بـــيت

پنهنجي اکين پـــاڻ ۾ ليڪو پاتـــو جن
وهڻ لنکي وهه ٿيـــو اکي سک سمهن
سي ائٿي پهر عجيب سان وينا اورڻ ڪن
شاهو منجهون تـــن اچي بوء بهار جي

( ٢ )

اچي بوء بهار جي جڏهن پرين پاڻ پسايو
وٺي وڇوڙي راتـــڙي اگـــڻ سو آيو
سو لدُو لامڪان مون گور روحل بتايو
شاهو سمايـــو پاڻ پنهنجو پـــاڻ ۾.

( شاهو فقير )

مون نهايت همدرديءَ سان پڇيو، ” ها، ها- ڇا ٿيو هنکي؟“ ان وقت منهنجي دل اندر به هڪ بجلي ڊوڙڻ لڳي، جا منهنجي ساري جسم کي جلائي منهنجي پيرن هيٺان نڪرڻ لڳي. معلوم نه آهي ته ڇو منهنجو سڄو بدن ڌڪي رهيو هو.

پنهنجي ميرن، گندن ۽ قائل ٿئل ڪپڙن ساڻ اکين جا آنسون اگهندي، پريل آواز ۾ هيءَ وري چيو:

”بابو جي! ڪهڙي ٿا ڳالهه پڇو. هڪ رات ١٢ بجي جو وقت هو، ۽ سرديءَ جي موسم. اهڙي سمي انسان ته هڪ طرف ليڪن حيوان به جيڪر پنهنجي آرام گاهه مان ٻاهر نه نڪري. اهڙي وقت، جي ڪو منهنجي رهيل ڪمائي به اچي لٽڻ لڳي ته به جيڪر مان ٻاهر نه نڪران، پر اهو به هڪ وقت هو، جڏهن مونکي اٿڻو پيو.

مان جهوپڙيءَ ۾ سمهيو پيو هوس ته ڪرڙُ ٿالي هڪ منهنجو پاڙيسري مون وٽ آيو ۽ مونکي جاڳائي چوڻ لڳو، ”سڙڪ جي هڪ پاسي چندرا پار جٽي غشيءَ جي حالت ۾ پيئي آهي...“

”ڪرٻوءَ جي ڳالهه ٻڌي منهنجا پير زمين هيٺان کسڪڻ لڳا ۽ بدن مان ڄڻ رت ئي نڪري ويو. چهري تي هڪ رنگ آيو ٿي ۽ پيو لٿو ٿي، ليڪن...... چندرا نيٺ به ته منهنجي ڌيءَ هئي- منهنجو رت......

ڪرٻوءَ سان گڏ مان سڙڪ ڏي ويس. قدرت جو ذرو ذرو مونکي ان وقت کائي رهيو هو. مون چندرا کي سڙڪ جي هڪ پاسي پيل ڏٺو ۽ هڪ معصوم ٻچو- ڪنهن بدمعاش، ڪميڻي ڪتي جي گناهن جو ڦل، هنجي گود ۾ پيو هو، بابو جي!“

---

ايترو چئي پيو روڪجي ويو. منهنجي پڇڻ تي هن هڪ ٿڌو ساهه کڻي وري چيو.

”بابو جي! چندرا منهنجي ڌيءَ هئي- مون هنکي پنهنجي ٻانهن جي سهاري کڻي ورتو، ليڪن بيهوشيءَ ۾ هئڻ سبب ۽ منهنجي پوري خبرداري نه وٺڻ سبب چندرا جو معصوم ٻچو اوچتو هن جي گود مان ڪري پيو ۽ ڪرڻ سان ئي ٻار جو روح هن فاني جهان مان پرواز ڪري راهه بقا طرف هميشه لاءِ روانو ٿي ويو.

ان وقت منهنجي دل ۾ سوين خيال اٿين ٿيڻ لڳا. ماڻهو شاهوڪار هجي يا غريب، ليڪن عزت جو خيال ته سڀڪنهن کي ضرور ٿئي ٿو- مونکي به ان وقت پنهنجي عزت جو خيال ٿيڻ لڳو. جي مان چندرا کي پنهنجي گهر وٺي هلندس ته دنيا ڇا چوندي، ڳوٺ وارا ڇا خيال ڪندا، پنچ برادريءَ مان خارج ڪري ڇڏيندا... منهنجي حالت ان وقت ان سپاهيءَ جهڙي هئي، جو جنگ جي ميدان ۾ وڃڻ لاءِ وڏي زور شور سان تياريون ڪندو آهي، ليڪن اليجي دردناڪ موت جي غمگين نظاري جو دل ۾ خيال ڪندي ٿوري وقت لاءِ روڪجي ويندو آهي- منهنجي دل ۾ به نيڪيءَ بديءَ جي وچ ۾ جنگ شروع ٿي ويئي. آخر نيڪيءَ جي فتح ٿي ۽ مان چندرا کي اليئي نيم بيهوشيءَ جي حالت ۾ سمهاري ڪرٻوءَ سان گڏ پنهنجي

# ڊاڪٽر اقبال جو شعر ۽ شاعري

ليکڪ:- پروفيسر مولچند ٽکو ايم-اي.

چوندا آهن "الشعرا تلامين الرحمن" يعني شاعر خدا تعاليٰ جا شاگرد آهن ۽ شاعري پيغمبري جو جزو سمجهي وئي آهي. علامہ اقبال جي شعر سان مٿين چوڻي بلڪل لڳي ٿي اچي. سندس درد مند دل ۽ حقيقت پرور اکيون دنيا جي واقعن ۽ نظارن جي اها حقيقت پسن ٿيون جا عام جي اکين کان مخفي آهي تنهنڪري ئي اقبال کي "ترجمان الحقيقت" جو لقب ڏنو ويو آهي:

جو هي پردون مين پنهان
چشم بينا ديکهه ليتي هي
زماني کي طبيعت کا
تقاضا ديکهه ليتي هي.

هو خود ڪم فهم انسانن کي "شارڪ شڪ مرلي" جي هدايت ڪري چوي ٿو:

ديکهه اي چشم عدو مجهکو حقارت سي نه ديکهه
جس پہ خالق کو بهي هو ناز وه انسان هون مين
مزرعہ سوخته عشق هي حاصل ميرا
درد قربان هو جس دل په وه هي دل ميرا.

اردو ساهتيہ جا ٽي مکيہ قومي شاعر آهن- مولانا حالي (بلبل هند)، اڪبر الله آبادي (لسان العصر) ۽ ڊاڪٽر اقبال (ترجمان الحقيقت). مولانا حاليءَ پنهنجي "مسدس" ۾ قوم جي بيداريءَ لاءِ اسلام جي اڳوڻي ترقي ۽ هاڻوڪي تنزل جو نقشو نهايت دل گداز ۽ پر اثر لفظن ۾ چٽيو آهي ۽ سندن اڳوڻي اوج ۽ عظمت، شان ۽ شوڪت، عدالت ۽ شجاعت جا نظارا پسائي وري سندن دلين کي غيرت ۽ جوش ڏيارڻ لاءِ سندن هاڻوڪي پستيءَ ۽ تنزل، بزدلي ۽ بدقسمتيءَ جي تصوير ڪڍي آهي ته جئن کين شرم ۽ غيرت اچي ۽ ترقيءَ ڏانهن وک کڻن. اڪبر الله آباديءَ وري پنهنجي لاثاني شعر ۾ پنهنجي ملڪ ۽ ماڻهن کي مغربي تعليم ۽ تهذيب جي نقصانن کان آگاه ڪيو آهي مگر حاليءَ وانگر روئڻا نه رنا آهن پر کل خوشيءَ ۽ چرچي گهٻي ۾ سندن ستل دلين کي چهبوڪ هنيا آهن جي مٺي خارش جاڳائي کين بيدار ڪري ڇڏين. اقبال جي دل به حاليءَ ۽ اڪبر وانگر قوم ۽ ملڪ جي درد سان ڀريل آهي ۽ پنهنجي هم مذهبين ۽ هم وطنين کي جاڳائڻ ۽ جذبو ڏيارڻ لاءِ کين سندن وڏن جا

خواهه اگيان جي ڪابه سٽا نٿي رهي، ڇو ته اها سچ جي سورج اڳيان سان پنهنجو پاڻ ناس ٿي وڃي ٿي. سڀ ڪجهه فنا ٿي وڃڻ بعد هڪ پرماتما وڃي رهي ٿو جو اسان جو سڀ ڪجهه آهي.

چوندا ته رومي جنهن وقت پنهنجا جذبن سان ڀريل مصرع لکندو هو تنهن وقت سندس نزديڪ جي آدمي وڃنا هوندا هئا سي بي سرت ٿي ويندا هئا. رومي صوفي طريقي ۾ سنگيت ۽ نرتيه (Music & Dance) ٻنهي ڪلائن کي تحرڪ ۾ وڌو.

## حافظ

پريم مارگي صوفين ۾ حافظ جو نالو ڏاڍو عزت سان ورتو ويندو آهي. سندس اپديش جو خلق تي ڏاڍو اثر پيو. هو دلي جذبات وارو سنت هو ۽ انهيءَ سبب هن جي دل مان نڪتل واڻي سڀني جي هردن تي پرڀاو وڌو. حافظ انهيءَ ڳالهه تي زور ڏنو ته ڪرمڪانڊ (شريعت) جي جار کي دور ڪجي. من، بدي، چت ۽ پراڻن کي پرماتما اڳيان پيش رکڻ گهرجي. سڀڪجهه ارپڻ ڪرڻ واري ريت لاءِ پنهنجي آتمڪ گرو (روحاني رهبر) کان رستو پڇي سندس آگيا موجب هلڻ گهرجي. حافظ جي اپديش جو تات پرج آهي ته سنسار جي راڳ دويش (پريتي ۽ اپريتي) کي مٽائي منش کي گهرجي ته پرماتما جي پريم ۽ سچي هارڏڪ پرارٿنا (True Heartful prayer) جو ساڌن ڪري. ايران جي گهر گهر ۾ حافظ جي اپديش جو ڏاڍو قدر ٿيو.

## "سعدي"

سعدي کي "ايران ملڪ جي بلبل" ڪري سڏيو وڃي ٿو. هن پهريائين ٽيهه ورهيه پنهنجي ڌرمي پستڪن جي ابياس ۾ گذاريا ۽ باقي چاليهه ورهيه تيرٿ ياترا ۽ ڌرم اپديش ۾ گهاريا. ڀارت ورش ۽ مصر وغيره ديسن ۾ سير ڪري هن خوب ست سنگ ڪيو ۽ گيان پراپت ڪيو. سندس اپديش ۾ سدا چار يعني اخلاق تي سخت زور ڏنو ويو آهي. ڪڏهن به سنساري پدارٿن واسطي پرماتما کان گهر نه ڪيائين. ڀڪتي، گيان ۽ سدا چار سان ڀرپور سعدي جو جيون هڪ آدرشي سنت جيون آهي.

نوٽ:- مٿين ليک ۾ ليکڪ فقط ايران جي صوفين ۽ ڪي قدر عربستان جي صوفين جو ذڪر ڪيو آهي باقي سنڌ ۽ هند جي صوفين بابت شايد ڪيس ڪو احوال ڪونه ملي سگهيو آهي. سنڌ ۾ به شاهه عبداللطيف شاهه عبدالڪريم، روحل، دلپت ۽ سچل، بيڪس ۽ بيدل صوفي ٿي گذريا آهن پر شايد سنڌن واڻي "سنڌي" ۾ هجڻ سبب ليکڪ جي هٿ ۾ سندن ڪو به احوال ملي نه سگهيو آهي.

٩- ڪيائين پري برقعو منهن کان کڻي
چڏيائين ڪري راز کي آشڪار
١٠- ڪارو گندو منهن ٿي عيسيٰ ڏٺو
سوين ها چٽيل جنهن مٿان عيب و عار
١١- ڏٺائين سندس دست هڪ خون ۾
۽ ميندي هئي ٻي دست تي بيشمار
١٢- مسيحا پڇيو "هي ڪهڙو ڍنگ آ
ٻڌا مونکي معنيٰ انهيءَ جي مڪار"
١٣- چيائين اشارو ڪري خون ڏانهن
"ڪٺم تازو عاشق وڃي اڄ بزار
١٤- لڳائي مان ميندي آ ٻي دست کي
جو ٿي ڪو وري ٻيو منهنجو خواستار
١٥- اگر مرد هڪ تي قهر ٿي ڪيان
ته ٻي سان ڪيان دوستي آشڪار
١٦- ڪيان ٿي هزارين مان شوهر نوان
رهي پاڪدامن بدن برقرار"
١٧- تعجب مان تنهن کي مسيحا چيو
"اي ڏائڻ ڏنگي زشت روُ نابڪار
١٨- بدن تنهنجو رهندو ڪٿين پاڪ پوءِ
ڪرين ٿي جڏهن مڙس تون بيشمار"
١٩- وراڻيو ٻڍي زال دنيا تڏهن
"منهنجا مڙس نامرد ڪيا روزگار
٢٠- جي رغبت رکن ٿا مونسان آدمي
انهن ۾ نه مردانگي جا آثار
٢١- مگر جي ڏسان مرد: ميدان جا
سي ڪن ٿا هميشه ٻڍيءَ کان ڪنار
٢٢- اگر حال هڙو آ مڙسن سندو
تہ لاشڪ ٿي رهندس مان ڪنواري ڪنوار"
٢٣- چوي **ابن يمين** برادر ٻڌو
ڪيو قصه هي دل مٿان يادگار
٢٤- اگر مرد آهيو جي ميدان جا
ڪجو ڪين ڏائڻ جي هرگز پچار.
(پارسي جو ترجمو) موٽلداس ليجومل

# مان ولايت ۾ ڇا ڏٺو

ليکڪ:- شيام لال ايم-اي، ٽي-ڊي (لنڊن)

جڏهن ڪو به هندستاني ريل مان لهي لنڊن ۾ قدم رکندو آهي تڏهن کيس اهو محسوس ٿيڻ لڳندو آهي ته مان ڪنهن نئين دنيا ۾ پهچي ويو آهيان. انگلنڊ ۾ ڪجهه ڏينهن رهڻ بعد اهو خيال جان تان مضبوط ٿيندو آهي.

سڀ کان پهرين ڳالهه، جنهنجو دل تي ڪافي اثر ٿئي ٿو، سا آهي ان ملڪ جو انتظام (Discipline). نه فقط اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ پڙهندڙ شاگرد، نه فقط فوج جا سپاهي ۽ سرڪاري نوڪر، بلڪ سارو ملڪ انتظام جي شڪنجي ۾ جڪڙيل آهي. قدم قدم تي انهي جا نمونا ڏسڻ ۾ ايندا. پيڙ جي وقت ريلوي اسٽيشن تي وڃو ن، سوين آدمي ٽڪٽ خريد ڪرڻ جي انتظار ۾ آهن، ليڪن شور، غل ۽ هلڙبازي جو نالو نشان به ڪونه آهي. سڀ ماڻهو ٻن ٻن جي قطار ۾ بيٺا آهن ۽ واري سان ٽڪيٽ وٺي رهيا آهن. اهڙي طرح هوٽلن جي دروازن تي، تماشن ۾، اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ جتي به ڏهن ويهن يا زياده ماڻهن کي هڪ دروازي کان لنگهڻو پوندو آهي، ايهوئي طريقو استعمال ڪيو ويندو آهي. ٻن ٻن جي قطارن ۾ اهڙي طرح بيهڻ کي انگريز "ڪيو" جي نالي سان سڏيندا آهن.

هڪ ڏينهن لنڊن جي هڪ مشهور سئنيما گهر ۾ ويم. تماشي شروع ٿيڻ کان اڌ ڪلاڪ اڳ پهچي ڏٺم ته سئنيما جي ٽن طرفن کان هڪ وڏو "ڪيو" ڪڙو ٿيو بيٺو آهي. تعجب جي ڳالهه اها هئي جو ماڻهن کي اهڙي طرح ڪڙي رکڻ لاء ڪو به پوليس جو سپاهي اتي موجود نه هو. اهو ڏسي مونکي بمبئي جي هڪ وڏي سئنيما گهر جو ويچار آيو، جتي چئين آنه واري ٽڪيٽ گهر تي هڪ لٺ بند سپاهي الهي ڪري بيهاريو ويو هو ته جيڪڏهن ٽڪيٽ خريد ڪندڙن ۾ جهيڳڙو وڌي وڃي ته هو لٺ کي هلائي لڙائي بند ڪري. منهنجي ڏسندي ڏسندي ان سپاهي کي ٻه ٽي دفعا لٺ استعمال ڪرڻي پيئي هئي.

اهڙي انتظام هئڻ سبب اتي عام آدمي قانون ٽوڙڻ کان ڏايو ڊڄندا آهن. جن خسيس ڳالهين ڪري هندستان ۾ وڏا

پنهنجي هٿن ۾ رکندي به، نه هو پاڻ اندر گهرن ٿا ۽ نه ٻين کي اندر وڃڻ ڏين ٿا."

روس جي مشهور انقلابي ذهنيت جي نيتا **هرزن** نه پاڻ تمام سخت لفظن ۾ پادرين جي ملامت ڪئي آهي. سندس انهيءَ وشيه تي ليک مطالع ڪرڻ ۽ غور ڪرڻ جي قابل آهن. ودوان هرزن چوي ٿو، "توهين مون کان هميشه وينتا ساڳيا سوال ڪريو ته مان چرچ ۽ مذهب جي مخالفت ڇو ٿو ڪريان ۽ پنهنجو قلم ۽ پنهنجو پنو انهن ڌرم جي گلا ڪندڙ فرقي جي لاڪ لاهڻ لاءِ هڪيو ٽڪيو ڇو ٿو رکان؟ مهرباني ڪري ٻڌو، ڪن سرلا ڪري ۽ اکيون تيز ڪري ٻڌو ۽ پڙهو. جڏهن اسان ملڪ ۾ زار جي ظلمن کان نجات حاصل ڪرڻ لاءِ آزادگي جو تحرڪ شروع ڪيو، تڏهن هي ديش گهاتڪ فرقو ڪڏهن پيرن مرشدن جي پناه هيٺ، ڪڏهن مذهبي ڪتابن جي اوٽ منجهه يا وري ڪنهن وقت ڪنهن جي سالگره يا ورسي ملهائڻ جي بهاني اسان جي اعليٰ ۽ اوچ ڪاريه ۾ رنڊڪون ۽ اٽڪون وجهندو رهندو هو ۽ ساده ۽ جاهل عام ماڻهن جو توج ڌپ ۽ ويساه جي وسيلي پاڻ ڏانهن ڇڪيندو هو. انهن پيرن جي پٿرن جي مقبرن يا عيسائي ديولين جي زيارتن ۾ لڪي پادرين جو وشواس هوندو هو ۽ نه وري سندن 'اڌايشور' زار ۽ سندس چاڙتن جو انهيءَ پٿر جي پوڄا ۾ اعتبار هوندو هو. پر اهو هڪ سولو ۽ وڌيڪ ڪارگر رستو هو جنهن ذريعي ويچارن ڪنگال ڪسانن، پيڙيل پورهيتن کي صدين لاءِ پنيلايو ويندو هو. انهيءَ بي نصيب ڏڪاڻيل ڪلاس کي پنهنجي دکي جيوت تي جيڪڏهن به چار آنسون وهائي پنهنجو بار هلڪو ڪرڻو پوندو هو ته اهو به هنن سنگ دل خدا جي خريدارن جي ديولين ۾. انهيءَ هوندي به انهن خود غرض ۽ پئسي جي پوڄاري پادرين جي ڪنورتا قائم رهندي آئي. عجب آهي ته سندن دماغ جو چراغ ٻجهي ٿي ڪونه ٿو. اي پادريو! خود اوهين به انهيءَ شڪتي جو ڌپ ته ڪريو جنهن جا ڌپ اوهين ابوجهن کي پيا ڏيو، چاڪاڻ جو اوهين بي زبانن، بي اجهن ۽ بکين جي واهر ڪرڻ بدران ملڪيت جي موه ۾ ڦاسي انهن کي وڌيڪ ۽ وڌيڪ ذليل ۽ دکي جيوت بسر ڪرڻ لاءِ جوابدار آهيو. اي خدا جي خدائي جا ٺيڪيدارو! ملڪ جي بهبودي ۽ بهتري جي صدقي، صدقي پنهنجي آقا زار جي مڪتي جي انهن ويچارن مجهولن جي اکين تي جهالت جي پٽي نه ٻڌو نه ته اوهان جو به اهڙو حشر ٿيندو جهڙو ڪ اندي گهوڙي تي چڙهيل سوار جو ٿيو هو جو پاڻ ته ڪڏ ۾ ڪريو پر پٺي ٻڌندڙ سوار کي به پاڻ سان گڏ ٻوڙيائين."

نومبر ١٩١٧ع ۾ جڏهن بولشيوڪ پارٽي رشيا ۾ ممتاز هستي جي مالڪ ٿي تڏهن به ان جي سڀ کان آخرين لحظي تائين زبردست مخالفت ۽ مقابلو ڪرڻ وارا اهيئي منحوس پادري هئا. سوشلزم جي برخلاف جيڪي فتوائون انهن خدا جي نيڪدارن ڏنيون، اهي پڙهڻ جي لائق آهن. آخر جڏهن هي ڪنهن به طريقي سان باز نه آيا تڏهن مجبوراً حڪومت کي سندن جائدادون، ملڪيتون، گهر ۽ جاگيرون ضبط ڪرڻيون پيئون. نه فقط کين ملڪيت کان بي دخل ڪيو ويو پر ٻارن جي تعليم به سندن هٿن مان زوري کسي ويئي. سياست کي مذهب کان صفا الڳ ڪيو ويو. **مارسيس هنڊسن** سچ چيو آهي، ”مذهب کي جنهن قسم جي مخالفت ۽ تباهي آڏيندڙ مقابلو سوويٽ روس ۾ ڪرڻو پيو آهي، اهڙي زبردست، خوفناڪ، معظم ۽ مهاڀاري جنگ اڄ تائين ڪنهن مذهب کي ڪانه ڪرڻي پيئي آهي.“ پڙهندڙن کي پوري تحقيقات کان واقف ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته مذهب خلاف جد وجهد هلائڻ جون سڀ تجويزون ڄاڻايون.

پهرين ڳالهه جا لينن جي پوئلڳن ڪئي سا اها هئي ته هنن پادرين کي ٻچن کي تعليم ڏيڻ کان ۽ بالغن ۾ پرچار ڪرڻ کان روڪيو ۽ انهيءَ حڪم جي عدولي کي سرڪاري ڏوهه ٺهرايو.

بولشيوڪ سرڪار نئون قاعدو عمل ۾ آندو ته ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون جيستائين بالغ نه ٿين، ايستائين سندن ڏيان تي غئبي ڳالهيون جهڙوڪ خدا ۽ روح، سزا ۽ جزا، بهشت ۽ دوزخ، فرشتو ۽ مڪتي وغيره خوفناڪ ۽ بحث طلب لفظ آڻڻ ڏوهه آهي. خدا ۽ سندس هستي به هڪ قسم جي سائنس سمجهي ويندي آهي جنهن تي بحث ڪرڻ جي موڪل پڪي عمر وارن ماڻهن کي ملندي آهي. تمام روسي ٻار اڄ ڪالهه وديالن ۽ سڪولن ۾ جدا جدا قسمن جي سائينس ۽ تعليم ۾ ماهر ٿي رهيا آهن، تنهن ڪري انهيءَ جو نتيجو اهو نڪتو آهي جو ٻالپڻ کان وٺي ٻين ڳالهين ڏانهن لاڙو هئڻ ڪري رشيا وارين جي دلين ۾ مذهبي جهيڙن جهڳڙن لاءِ جاءِ ڪانه بچي آهي.

ٻي تجويز هي ڪئي ته رشيا ۾ هفتي ۾ ڪم جا ڏينهن ڇهن بدران پنج ڪيا ويا آهن جيئن پورهيتن کي اڳي کان وڌيڪ فرصت، آرام ۽ وسرام ملي. اتي آرتوار جو ڏينهن موڪل ڪانه ڪئي ويئي آهي، تنهن ڪري پورهيت ماڻهو پادرين جي ڦندي ۾ ڦاسن ٿي ڪين.

ٽين ڳالهه جا هنن ڪئي آهي سا هيءَ ته هنن ديولين ۾ اچرج جهڙو ڦيرو آندو آهي. پراچين سمي کان وٺي عبادت گاهن ۾ تمام دنيا جي عيش آرام جو ذخيرو موجود هوندو هو. هي بندگي

# اتحاد تورانيت

ليک :- مولائي شيدائي

هاڻ ته جاپان ۽ ترڪي اهي ايشيائي طاقتون آهن جن پنهنجن بازن جي زور سان يورپ کي جهڪائي ايشيا جي عزت ۽ ناموري کي دنيا ۾ بلند ڪري ڏيکاريو آهي. پر ٻنهين قومن ۾ گهڻو فرق آهي. جاپان جيڪي به پنهنجي آزاديءَ لاءِ جنگيون جوٽيون يا هنوقت تائين جيڪي جنگيون ڪري رهيو آهي سي محض پنهنجي قوم جي فائده ۽ ملڪگيري لاءِ. سندس شاطرانه چالبازيون يورپ کان گهٽ ڪين آهن. ١٩٠٤ع ۾ روس ۽ جاپان جي جنگ The Russo-Japanese War وقت جڏهن جاپاني فوجن خشڪي رستي مڪڊن Mukden جي معرڪي ۾ ۽ بحري رستي جاپاني اميرالبحر ٽوگو Togo روسي ٻيڙي کي ناس ڪيو تڏهن ايشيائي قومن اهي سان چاتو ته جاپان سندن ڇوٽڪاري لاءِ ضرور سندن رهنمائي ڪندو.

ان باري ۾ ڊاڪٽر اَني بيسنٽ پنهنجي ڪتاب "انڊيا فري آر بانڊ" ۾ ڏيکاريو آهي ته "موجوده هندوستان جي آزادي جي هلچل کي روس ۽ جاپان جي جنگ مان گهڻي تقويت پهتي آهي." ڊاڪٽرائني بيسنٽ جو مٿيون خيال ٺيڪ آهي. جاپان ثابت ڪري ڏنو آهي ته مشرقي قومون هر حال ۾ مغربين جو مقابلو ڪري سگهن ٿيون. پر هنوقت جاپان جي ڪارروائين ثابت ڪيو آهي ته جاپان مشرقي قومن سان همدردي رکڻ بدران دشمني رکيتي. بخلاف اُنجي ترڪ اُها ايشيائي قوم آهي جنهن پنهنجيءَ آزادي جي جد و جهد سان گڏ مشرق جي ٻين قومن کي آزاد ۽ سجاڳ ڪرڻ لاءِ طرحين طرحين رستا اختيار ڪيا آهن. سندن مٿين قسم جو پروگرام اڃا تائين هلندو ٿو اچي. اسان اڳي ڏيکاري چڪا آهيون ته جڏهن "پان اسلامزم" جي ذريعي ترڪ اسلامي دنيا جي رهندڙن مسلمان قومن کي، هڪڙي مرڪز تي آڻي بيهارڻ ۾ ناڪامياب ٿيا تڏهن "انجمن اتحاد ۽ ترقي" The Committee of Union and Progress جي بيدار مغز ميمبرن وقت جي ضرورت آهر هڪ نئين تحريڪ "پان تورانيت" يا

ڪانگريس کانپوءِ صدين جي روس ۽
ترڪي جي دشمني منجهي ويئي ۽ نئي
مضبوط دوستي جو آغاز شروع ٿيو.
جارجيا، آذربائيجان ۽ داغستان قفقاز
جي رهندڙ قومن جون رياستون
بولشيوڪن جي سائي هيٺ قائم ٿيون.
قارص Kars جو علائقو موٽي ترڪن
کي مليو. انور پاشا بخارا ۽ فرغانه جي
ترڪن کي فوجي تعليم ڏيئي، هڪڙي
فوج "بسما جلار" Basma jilar نالي
سان تيار ڪري بولشيوڪن سان جنگ
جوٽي پر جنگ ۾ مارجي ويو. اڄ وچ
ايشيا ۾ تاجڪستان، ازبڪستان،
خيوا ۽ بخارا جون رياستون قائم آهن.
اهي سوويت سوشلسٽ يونائيٽيڊ
رشيا جي ماتحت آهن، پر سندن
مستقبل شاندار نظر اچي ٿو. جمال پاشا
جو افغانستان ۾ هوسو اتي جو جوان
بخت امير سابق امان الله خان جي
رهنمائي ڪرڻ لڳو. سندس ڪوشش
سان افغانستان ۾ اصلاح جو دور
شروع ٿيو. اڄ به ترڪ غافل ڪين
آهن. ڪمال اتاترڪ جي سرپرستي
هيٺ عراق عرب، ايران، افغانستان
۽ ترڪيءَ جا دوستانه تعلقات قائم ٿي
چڪا آهن. مٿين دوستي جون حدون
يورپ ۾ ٿريس کان شروع ٿي هندوستان
جي سرحد سان لڳن ٿيون، جنهن ۾
چار ڪروڙ رهاڪو اچي وڃن ٿا. يورپ
وارا مٿين اتحاد کي "فور سائيڊيڊ
پئڪٽ" Four-Sided Pact ڪوٺين ٿا.
جي ايها روبڪار جاري رهي ته ڪو
وقت ايندو جڏهن نوجوان ترڪ
مشرق کي بيدار ۽ آزاد ڪرائڻ ۾
ڪامياب ٿي ويندا. هن بيان مان
پڙهندڙ ايشيا جي ٻن آزاد حڪومتن -
جاپان ۽ ترڪي جي مقصد جي آسانيءَ
سان پيتا ڪري سگهندا.



# BUILT TO LAST



ويسٽ اينڊ جو نئون "انڊ" گهنٽي
سان گهڙيال صفائي سهڻو. هي
خاص هن ملڪ لاءِ ٺاهيو ويو آهي.
مشنري تمام مضبوط آهي.
جهالائو نهٽيءَ ۾ بي عيب.
گهنٽي لاڳيتو هٽي تو ۽ رڪي
رڪي به هٽي تو. "انڊ" گهڙيال
خريد ڪريو جو نه هي سستو
سودو آهي ۽ گارنٽي ٿيل آهي

POWERFUL 30-HOUR MOVEMENT

خبردار- ويسٽ اينڊ واچ ڪمپني
جو نالو سچو ڊائل تي ۽ "ڊبليو"
ستارمارڪ پليٽ تي ڏسو.

WEST END "IND" ALARM




دي "انڊ" گهنٽي سان ارنبڪ
ڊائل ٧ روپيه ريڊيم ڊائل ٨ روپيه
مفت ڪئٽالاگ لاءِ لکو.

ويسٽ اينڊ واچ
۽ ڪو
بمبئي ۽ ڪلڪتا

CONTINUOUS INTERMITTENT ALARM

## WEST END WATCH Co
BOMBAY CALCUTTA